# الف

**ا**: ذ (ع) اُچار "الف". سنڌي، فارسي، عربي "الف–بي" جو پهريون اکر. ابجد موجب عدد هڪ.

**آبُ**: ذ (ف) پاڻي. اوزارن يا جواهرات کي ڏنل پاڻي. سون جواهرات جو اوجر. مانُ– عزت.

**آباڻتو**: ص. عزت وارو– ماناڻتو.

**آبُ تابُ**:ذ. شان شوڪت. ٺٺ ٺانگر. رعب تاب. چمڪو–رونق.

**آب پاشي**:ث. پوک کي پاڻي ڏيڻ جو عمل– ريج.

**آب حيات**:ذ. اهو پاڻي جنهن جي پيئڻ سان دائمي زندگي ملي.

**آبدار**:ذ. پاڻي وارو. پاڻي چڙهيل (هٿيار، اوزار). واهن جي پاڻي جي سنڀال ۽ ورهاست ڪندڙ انجنيري کاتي جو هڪ ملازم.

**آبُ داڻو**: ذ.(آبَ و دانه) داڻو پاڻي– چُوڻو پاڻي.

**آبدوز**:ث. پاڻي هيٺ آيل. پاڻيءَ جي سطح کان هيٺ هلندڙ هڪ قسم جو بحري جهاز.

**آبديدَه**:ص. اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيل.

**آبشارُ**:ذ. پهاڙي نهر يا چشمي جو مٿانهين تان ڪرندڙ پاڻي.

**آبڪاري**:ذ. شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي چوڪسي رکندڙ کاتو.

**آبُڪلاني**:ث. دريائن ۾ پاڻيءَ جو چاڙهه. پاڻي جي چاڙهه جي موسم (جولاءِ، آگسٽ وارا مهينا).

**آب هوا**: ث. پاڻي ۽ هوا جي گڏيل ڪيفيت. ڪنهن ملڪ يا شهر جي موسمي حالت.

**آبي**: ص، پاڻي جو. پاڻي وارو. پاڻي ۾ رهندڙ (جانور، پکي). ٺڌو (تاثير).

**آبياري**: ث. باغن يا پوکن کي پاڻي ڏيڻ جو ڪم– آبپاشي.

**آبيانو**: ذ. پوک لاءِ واهن مان ڪنيل پاڻيءَ تي مقرر ڍل.

**آبادُ**: ص (ف) سرسبز (پاڻي جي ڪري)– ساوو. پاڻي، ساوڪ ۽ ماڻهن جي ڪري وسايل (ملڪ، شهر، علائقو، بَر)– وسندڙ. پوکيل.

**آباد ٿيڻ**: زمين جو پوک هيٺ اچڻ. شهر يا ڳوٺ جو وسڻ. سکيو آسودو ٿيڻ.

**آبادگار**: ص. زمين کي آباد ڪندڙ– پوک ڪندڙ. ڪڙمي+ هاري.

**آبادي**: ث. پوک. وسندي واري جاءِ– بستي. آدمشماري.

**آبادي ڪرڻ**: (طنزيه) ڪجهه نه ڪرڻ.

**آباء**: ذ (ع) آبا– پيُرَ. ابا ڏاڏا (عموماً "اجداد" سان گڏ ڪم ايندڙ لفظ).

**آباء آجداد**:ذ. ابا ڏاڏا. پيڙهي يا قوم جو بنياد وجهندڙ وڏا.

**آبائي**:ص. اباڻو– موروثي– خانداني.

**آبتَ، آبتَ**: ث. ٻني ٻاري يا کاتيءَ جي ڪم ۾ هڪٻئي جي مددگاري– ونگار.

**آبرُو**: ث (ف) مُنهن جو پاڻي. مُنهن جي رونق. عزت– مانُ.

**آبرو جهلڻ**: (طنزيه) بي عزتو ٿيڻ.

**آبرو وڃڻ**: عزت وڃڻ. ذليل ڪم ڪرڻ. بدپيشو اختيار ڪرڻ.

**آبري**: ث. سنڌ جي قديم موسيقي جو هڪ سُر. شاه جي رسالي جو هڪ سُر.

